SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1995

SINDH ACT NO.V OF 1995

سنڌ (پولٽري ويڪسين مرڪز) ايڪٽ، 1995

THE SINDH (POULTRY VACCINE CENTRE) ACT, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. مرڪز جو قيام
Establishment of the Centre

4. مرڪز جي معاملن جو انتظام
Administration of the affairs of the Centre

5. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

6. چيئرمين ۽ ميمبرن جون ذميداريون ۽ ڪم
Duties and functions of Chairman and Members

7. بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board
8. مرڪز جا ڪم
Functions of the Centre
9. مرڪز جا اختيارڻ ذميداريون
Powers and duties of the Centre
10. ڪميٽي جي جوڙجڪ
Constitution of the Committee
11. صلاحڪارن، عملدارن وغيره جي مقرري
Appointment of advisors officers etc
12. فنڊ
Fund
13. بجيٽ
Budget
14. اڪائونٽس ۽ آڊٽ جو رڪارڊ رکڻ
Maintenance of Accounts and audit
15. رهتن جي اوڳاڙي
Recovery of dues
16. ريٽرنس، اسٽيٽمينٽ وغيره
Returns, statement etc
17. اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers
18. پبلڪ سرونٽ
Public Servant
19. ضمانت

Indemnity

20. قاعدا جوڙڻ جا اختيار

Powers to make rules

21. ضابطا جوڙڻ جا اختيار

Powers to make regulations

22. منسوخي

Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1995

SINDH ACT NO.V OF 1995

سنڌ (پولٽري ويڪسين مرڪز) ايڪٽ، 1995

THE SINDH (POULTRY VACCINE CENTRE) ACT, 1995

[27 سيپٽمبر 1995]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ پولٽري ويڪسين مرڪز قائم ڪيو ويندو.

جيئن تہ پولٽري ويڪسين جي پيداوار کي هٿي وٺرائڻ ۽ ويڪسينز جي معيار جي سڌاري لاءِ سائنسي ۽ فني تحقيق ۽ نئين ويڪسين جي پيداوار لاءِ پولٽري مرڪز جو قيام ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

باب I

شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ (پولٽري ويڪسين مرڪز) ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "بورڊ" مطلب دفعہ 5 تحت جوڙيل بورڊ؛

(b) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(c) "فنڊ" مطلب مرڪز جو فنڊ؛

(d) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(e) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(f) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(g) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(h) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

باب_II

مرڪز جو قيام

مرڪز جو قيام
Establishment of the Centre

3.(1) هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ جيترو جلد ٿي سگهي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب هڪ مرڪز قائم ڪندي جنهن کي سنڌ پولٽري ويڪسين مرڪز سڏيو ويندو.

(2) مرڪز بادي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ٻنهي قسم جي منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪو ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3)مرڪز جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچي ۾ هوندو.

(4) مرڪز اهڙن هنڌن تي مقامي آفيسون قائم ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي.

مرڪز جي معاملن جو انتظام
Administration of the affairs of the Centre

4.(1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مرڪز جي عام هدايت ۽ انتظام ۽ ان جا سمورا معاملا بورڊ جي هٿ هيٺ هوندا، جيڪو سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا سمورا ڪم ۽ شيون ڪندو جيڪي مرڪز طرفان ٿيڻ گهرجن.

(2) بورڊ ڪم دوران پولٽري ويڪسين جي پيداوار جي

جوڳن اصولن تي عمل ڪندو ۽ تجارتي گهرجن تي عمل ڪندو ۽ حڪومت طرفان وقت بوقت هدايتن سان رهنمائي ڪئي ويندي.

(3)جيڪڏهن ڪو سوال اٿي ٿو تہ ڪو معاملو پاليسي جو آهي يا نہ تہ حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

5.(1) بورڊ مشتمل هوندو:

(i) سيڪريٽري فشريز اينڊ لائيو اسٽاڪ ڊپارٽمينٽ (چيئرمين)

(ii) ڊائريڪٽر جنرل، لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊپارٽمينٽ (آفيشل ميمبر)

(iii) ڊپٽي سيڪريٽري (Tech) يا سيڪشن آفيسر (Tech) فشريز اينڊ لائيو اسٽاڪ ڊپارٽمينٽ، جيئن ڪاتي جي سيڪريٽري طرفان نامزد ڪيا وڃن (آفيشل ميمبر)

(iv) ڊائريڪٽر، پولٽري پروڊڪشن اينڊ ريسرچ سنڌ ڪراچي (آفيشل ميمبر)

(v) ڊائريڪٽر، پولٽري ويڪسين پروڊڪشن مرڪز (آفيشل ميمبر)

(vi) چيئرمين آف دي ڊپارٽمينٽ آف فزيولاجي، يونيورسٽي آف ڪراچي يا ان جو نامزد ڪيل (نان آفيشل ميمبر)

(vii) K & N's بريڊنگ فارمس ڪراچي جو چيف ايگزيڪيوٽو (نان آفيشل ميمبر)

(viii) چيئرمين آف دي پاڪستان پولٽري ايسوسيئيشن سنڌ زون (نان آفيشل ميمبر)

(2) ڊائريڪٽر پولٽري ويڪسين مرڪز بورڊ جو

سيڪريٽري پڻ هوندو.

(3) چيئرمين ڪنهن خاص مقصد لاءِ يا مخصوص عرصي لاءِ ڪنهن ماڻهو کي ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿو.

(4) ميمبر چيئرمين جي خوشي سان آفيس رکي سگهندو.

(5) ميمبر هٿ اکرين چيئرمين ڏانهن پنهنجي استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.

(6) مرڪز غير سرڪاري ميمبرن کي اهڙو معاوضو ادا ڪندو جيئن اهو بورڊ جي منظوري سان طئي ڪري.

(7) بورڊ جو ڪو قدم يا ڪا ڪارروائي ان ۾ موجود ڪنهن آسامي يا بورڈ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نہ هوندا.

چيئرمين ۽ ميمبرن جون ذميداريون ۽ ڪم

Duties and functions of Chairman and Members

6.(1) چيئرمين ۽ ميمبر اهڙيون ذميداريون ادا ڪندا ۽ اهڙا ڪم ڪندا جيئن انهن کي هن ايڪٽ تحت سونپيا وڃن.

(2) جيستائين بورڈ جوڙيو وڃي، تيستائين چيئرمين اهڙين هدايتن موجب جيڪي حڪومت ڏئي، بورڈ جا اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ذميداريون نڀائيندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو.

بورڈ جي گڏجاڻي

Meeting of the Board

7.(1) بورڈ جو سمورو واپار وڌايو ويندو ۽ ضابطن ۾ بيان ڪيل طريقي موجب بورڈ جي گڏجاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويندو.

(2) بورڈ جي گڏجاڻي اهڙي وقت ۽ هنڌ تي ڪوٺائي ويندي جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي، بشرطيڪ جيستائين ضابطا ناهن جوڙيا ويا، گڏجاڻي ايئن ڪوٺائي ويندي جيئن چيئرمين هدايت ڪري.

باب _III

مرڪز ۽ ڪميٽيز جا اختيار ۽ ذميواريون

مرڪز جا ڪم
Functions of the Centre

8. مرڪز هي ڪم ڪندو:

(a) پولٽري ويڪسين جي پيداوار وڌائيندو ۽ ان سلسلي ۾ منصوبابندي ۽ هٿي وٺرائڻ وارن پروجيڪٽس جو ذميوار هوندو؛

(b) ويڪسينز جي معيار جي بهتري ۽ نين ويڪسينز جي پيداوار لاءِ سائنسي ۽ فني تحقيق ڪرائيندو ۽ اهڙي ويڪسينز جي استعمال ۽ اهڙي عام معلومات لاءِ اهڙي تحقيق جا نتيجا شايع ڪرائيندو.

(c) پولٽري ويڪسينز جي ميدان ۾ آساني سان عمل ڪرڻ جهڙا تربيتي پروگرام ڪرائيندو؛

(d) پولٽري ويڪسين جي معيار لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ کي هٿي وٺرائڻ خاص طور تي پرڏيهي سيڙپڪارن سان گڏ؛

(e) پولٽري ويڪسين جي معيار جي بهتري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ کي هٿي وٺرائڻ خاص طور تي پرڏيهي سيڙپڪارن سان گڏ؛

(f) اهڙا قدم کڻڻ جيڪي ان جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري يا فائديمند هجن.

مرڪز جا اختيار ۽ ذميداريون
Powers and duties of the Centre

9. مرڪز کي اختيار هوندو تہ:

(a) منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت حاصل ڪرڻ، انهن تي ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(b) ڪنهن ملڪيت جو نيڪال؛

(c) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا اسڪيم جوڙڻ ۽ لاڳو ڪرڻ؛

(d) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو خرچ ڪرڻ؛

(e) سمورن ٽيڪن ۾ داخل ٿيڻ ۽ ڪم ڪرڻ، جيئن اهو ضروري سمجهي.

ڪميٽي جي جوڙجڪ
Constitution of the Committee

10. مرڪز اهڙي جوڙجڪ ۽ ڪمن سان فني ۽ مشاورتي ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿو جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ جيستائين ضابطا جوڙيا وڃن، چيئرمين اهڙين ڪميٽيز جي جوڙجڪ ۽ ڪم بيان ڪندو.

صلاحڪارن، عملدارن وغيره جي مقرري
Appointment of advisors officers etc

11. مرڪز پنهنجي جوڳي ڪارڪردگي لاءِ اهڙا صلاحڪار، ڪنسلٽنٽس، عملدار ۽ ٻيو اسٽاف اهڙين پروفيشنل، ٽيڪنيڪل ۽ منسٽيريل اهليت ۽ تجربي وارو مقرر ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

باب _IV

فنانس، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

فنڊ
Fund

12. (1) مرڪز هڪ سيلف فنانسنگ بادي هوندو ۽ هڪ ڏار فنڊ رکندو، جنهن کي پولٽري ويڪسين مرڪز فنڊ سڏيو ويندو.

(2)فنڊ مشتمل هوندو:

(a) پولٽري ويڪسينز جا سيل پروسيڊس ٻيا پولٽري بايولاجيڪل پراڊڪٽس يا مرڪز جون ٻيون ملڪيتون؛

(b) حڪومت طرفان ڪيل گرانٽس يا حڪومت کان حاصل ڪيل قرض؛

(c) ڪنهن شخص يا بادي طرفان ڪيل گرانٽس؛

(d) حڪومت جي منظوري سان ڪنهن بہ وسيلي کان حاصل ڪيل قرض؛

(e) ان جي واڌو فنڊس جمع ڪرڻ تي منافعو يا وياج؛

(f) مرڪز طرفان حاصل ڪرڻ لائق ٻيون سموريون رقمون.

(3)فنڊ ۾ گڏ ڪيل رقم بورڊ طرفان منظور ڪيل ڪنهن شيڊولڊ بئنڪ ۾ رکي ويندي.

(4)فنڊ هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو، بشمول پگهارن ۽ هن ايڪٽ تحت ادائگي لائق ٻين مراعتن جي.

(5) مرڪز پنهنجا اضافي فنڊ وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سڪيورٽي ۾ يا ٻي ڪنهن سڪيورٽي يا حڪومت طرفان منظور ڪيل اسڪيم ۾ سيڙائيندو.

بجيٽ
Budget

13. مرڪز جي سالياني بجيٽ اهڙيءَ ريت تيار ڪئي ۽ منظور ڪئي ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

اڪائونٽس ۽ آڊٽ جو رکارڊ رکڻ
Maintenance of Accounts and audit

14. (1) مرڪز مڪمل ۽ درست طريقي سان اڪائونٽس سنڀاليندو ۽ اهڙي طريقي موجب جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) مرڪز جا اڪائونٽس بورڊ طرفان منظور ڪيل چارٽرڊ اڪائونٽنٽس طرفان هر سال آڊٽ ڪيا ويندا.

رهتن جي اوڳاڙي
Recovery of dues

15. ڪنهن شخص، بادي يا تنظيم طرفان مرڪز ڏانهن واجب الادا سموريون رقمون لينڊ روينيو جي رهتن موجب وصولي لائق هونديون.

باب _V

متفرقات

ريٽرنس، اسٽيٽمينٽ وغيره
Returns, statement etc

16. حڪومت مرڪز کان مرڪز سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت ڪي ڪاغذ ريٽرن، اسٽيٽمينٽ، اسٽيٽسٽڪس يا ٻي ڪا معلومات طلب ڪري سگهي ٿي

۽ مرڪز اهڙي درخواست تي عمل ڪندو.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

17. (1)مرڪز عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين شرطن موجب هن ايڪٽ، يا ان سلسلي ۾ قاعدن ۽ ضابطن تحت پنهنجي اختيارن، ذميدارين ۽ ڪمن مان ڪي به چيئرمين، ميمبرن يا عملدارن کي منتقل ڪري سگهي ٿو.

(2)چيئرمين، هن ايڪٽ تحت پنهنجي اختيارن مان ڪي به ڪنهن عملدار يا مرڪز جي ملازم کي سونپي سگهي ٿو سواءِ انهن اختيارن جي جيڪي ذيلي دفعه (1) تحت ڪيس سونپيا ويا هجن.

پبلڪ سرونٽ
Public Servant

18. چيئرمين، ميمبر، صلاحڪار، ڪنسلٽنٽس يا مرڪز جا ملازم جڏهن هنن ضابطن يا قاعدن موجب عمل ڪري رهيا هجن، اهي پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 21 موجب پبلڪ سرونٽس سمجهيا ويندا.

ضمانت
Indemnity

19. هن ايڪٽ، قاعدن يا ضابطن موجب سني نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو مقدمو، ڪيس يا ٻي ڪا قانوني ڪارروائي مرڪز، چيئرمين ميمبرن يا ڪنهن صلاحڪار، ڪنسلٽنٽس يا مرڪز جي عملدار خلاف نه ٿيندي.

قاعدا جوڙڻ جا اختيار
Powers to make rules

20. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا جوڙڻ جا اختيار
Powers to make regulations

21. مرڪز، ٻين سمورن معاملن لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو جيڪي قاعدن ۾ بيان نه ڪيا ويا هجن ۽ جنهن جي لاءِ هن ايڪٽ ۽ قاعدن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گنجائش ضروري آهي.

منسوخي

22. سنڌ (پولٽري ويڪسين مرڪز) آرڊيننس، 1995 کي

منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	Repeal

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.